# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1988

# SINDH ACT NO.II OF 1988

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 1987

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 1987

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 58 جي ترميم
Amendment of Section 58 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول I جي ترميم
Amendment of Schedule I to Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس V جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance V of 1987

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1988

# SINDH ACT NO.II OF 1988

## سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 1987

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 1987

[30 جنوري 1988]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 1988 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 58 جي ترميم
Amendment of Section 58 of Sindh Ordinance XII

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 58 جي ذيلي دفعه (3) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ جتي ڪائونسل جي تحليل ٿيڻ جو مدو ان جي عام رواجي آفيس جي مدي کان اڳ ڇئن مهينن ۾ ختم ٿي

| | |
|---|---|
| رهيو آهي تہ رهيل عرصي لاءِ ڪائونسل ٻيهر نہ جوڙي ويندي ۽ ذيلي دفعہ (2) تحت تحليل ٿيڻ جا اثرات جاري رهندا.”. | of 1979 |
| 3. جاڙايل آرڊيننس جي شيڊول I جي داخلا 1 ۾، انگن “202” لاءِ انگن “204” کي متبادل بڻايو ويندو. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول I جي ترميم<br>Amendment of Schedule I to Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 4. سنڌ مقامي حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br><br>**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 1987 جي سنڌ آرڊيننس V جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance V of 1987 |